# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1983

# SINDH ORDINANCE NO. X OF 1983

# سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1983

# THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ1879 جي دفعہ نمبر 15_A جو اضافو

Addition of section of 15_A in Sind Act, VII of 1879

3. پاڻي ڪيڙ ريٽ جي وصولي

Levy of drainage rate

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO. X OF 1983

# سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1983

# THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[21 آگسٽ 1983]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879، ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي. جنهن ڪي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو ويندو.

(2) هي في فوري العمل نافذ ٿيندو هن کي اپريل، 1983 جي پهرين ڏينهن کان لاڳو سمجهيو ويندو.

commencement

2. سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ دفعہ 15 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ1879 جي دفعہ نمبر 15_A جو اضافو
Addition of section of 15_A in Sind Act, VII of 1879

"15_A(1) حڪومت اهڙي زمين تي ڊرينيج ريٽ لاڳو ڪري سگهي ٿي، جيڪا سم تي ضابطي رکڻ ۽ زمين کي آباديءَ ڪرڻ لائق بڻائڻ واري پراجيڪٽ جي حدن ۾ واقع آهي ۽ جنهن کي ڊرينيج سهولتون ٽيوب ويلن يا نالن ذريعي مهيا ڪيون ويون آهن.

پاڻي ڪڍڻ ريٽ جي وصولي
Levy of drainage rate

حڪومت پاران ڏنل انهن سهولتن بابت نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ کانپوءِ پهرين ٻن موسمي فصلن تي ڪو اڳهہ لاڳو نہ ڪيو ويندو.

(2) حڪومت هن دفعي جي تحت طئي ڪيل قاعدن جي مطابق ادا شده رقم، لينڊ روينيو جي بقايائن طور وصول ڪندي.

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**